# آخوند گل محمد هالائي: سنڌي ابجد تشڪيل ڏيندڙ

# Founder of Sindhi Abjad: Akhound Gul Muhammad Halai


## *Abstract:*

*Akhund Gul Mohammad Halai was a well- known poet of Sindhi Ghazal and expert in Sindhi Abjad. He was the first poet who composed a Deewan of Ghazals with rhymes in Sindhi alphabetic order in the year 1853-1854 A.D. popularly known as 'Deewan-e-Gul'. In the preface of the Deewan Gul, he describes that Sindhi Alphabet consists of 55 letters syllables arranged in a order according to the rules of Abjid, He by assigning a number each letter of Sindhi alphabet formed Sindhi Abjad. In this article an indepth study of the Sindhi Abjad has been Carriedout.*


**آخوند گل محمد هالائي سنڌي غزل جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. هِن پنهنجي ترتيب ڏنل آئيويٽا تي، جيڪا 55 اکرن تي ٻَڌل آهي، سنڌيءَ ۾ پهريون غزلن جو ديوان ترتيب ڏنو. جيڪو 07 - جمادي الثاني 1275هه ۾ بمبئيءَ مان ليٿو تي ڇپرايو ويو. ديوان جي ڇپجڻ جي تاريخ صاحبِ ديوان هِن ريت لکي آهي:**

ٿيو جڏهن ديوان گل پورو ڪُلي
سَڀَ ڏسي ڇيو آهي وه وه خوب خوب
محمدي مطبع ۾ پوءِ محمدحسين
ڇپئو ڇٽئو آهي وه وه خوب خوب
وره ڇاپڻ جو پڇئم دل کان درست
ڇيائين ڇپيو آهي وه وه خوب خوب
(هالائي،1275هه، ص:11)

**هِن ديوانَ متعلق، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو:**

**خليفي صاحب کان پوءِ ئي سنڌي ديوانن ۽ ڪلياتن لکڻ جو رواج پيو. هن وقت ديوان قاسم، ديوان بلبل، ديوان فاضل، ديوان سانگي، ديوان قليچ، ديوان خاڪي، ديوان نجفي، ديوان واصف، ديوان حافظ، ديوان احسن ۽ ديوان قادري وغيره موجود آهن. پر انهن سڀني جو پيش رو "ديوان گل" آهي"** (ميمڻ،1972: 169).



**قطعہ تاريخ هڪ اهڙو فن آهي، جنهن ۾ ڪنهن اکر يا لفظن جي عددن جي مدد سان نہ فقط ڪنهن واقعي جي تاريخ يا سن محفوظ ٿئي ٿو بلڪ اها تاريخ پنهنجي هڪ خاص مفهوم سان ان واقعي کي يادگار بڻائي ٿي ڇڏي. ان حوالي سان ساحر لکنوي لکي ٿو تہ:**

تاریخ گوئی کے لئے شاعر یا تاریخ گو کو ایک مصرعے یا شعر یا ان کے کسی جزو یا کسی فقرے کو ایسے لفظوں سے ترتیب دینا ہوتا ہے جن کے مکتوبی حروف کے اعداد جمل کے حساب سے جوڑے جائیں تو اس خاص واقعہ کا سن عیسوی یا ہجری وغیرہ ظاہر ہو جس میں وہ ظہور پذیر ہوا۔ اس طرح تاریخ گو اعداد کو حروف میں تبدیل کر دیتا ہے۔ گویا یہ حروف ایک طرح کی خفیہ تحریر (code words) کا کام دیتے ہیں جن کے باطن میں کسی واقعہ کی تاریخ پوشیدہ ہوتی ہے۔(ساحر لکھنوی، 1999: 23)

**سيد فاضل شاهہ قطعہ تاريخ جي تعريف پنهنجي ڪتاب "ميزان شعر يعني ڏوهيڙن جي تارازي" ۾ هن ريت لکي آهي:**

**تاريخ اُها غزل وانگي، قصيدي وانگي ۽ رباعي طرح بہ ٿئي. پر پوئين مصرع مان انهيءَ جي، عدد وٺي ابجد جا، سن ڪڍجي. پوءِ يا تہ اُها تاريخ هوندي ڄمڻ جي يا شادي جي يا اڏپ جي يا مرڻ جي. پر جي پوئين مصرع سڄي جي عددن مان سن پورو نہ نڪتو تہ تڏهن يا عدد وڌي ويا هوندا تہ پوئين بيت ۾ ڪو اهڙو اشارو ڪبو، جنهنڪري پوئين مصرع مان انهي جي ڪاٽي پورو ڪبو ۽ جي عدد وره کان کٽل هوندا تہ ٻيا وجهي**

سن پورو ڪبو“ (فاضل شاهہ 1883: 6-7).

مرزا فتح علي بيگ وري هن طرح بيان ڪري ٿو:

”تاريخ گوئي اُهو نظم آهي جنهن جي مخصوص لفظ، جملہ يا مصرع مان ابجد جي طريقي سان شهادت، انتقال، ولادت، شادي، عمارتن جي تعمير ۽ ڪتابن جي تصنيف و تاليف ۽ مشهور واقعات جي آغاز ۽ اختتام تي نمايان طرح سال جاڻايو وڃي ٿو.“ (شاهہ 2008:07).

”قطعہ تاريخ“ جي فن جو بنياد جمل جي حساب تي آهي ۽ جمل جي قاعدي موجب ابجد جي ترتيب مطابق هر هڪ اکر جي قيمت يا ان جا عدد مقرر ڪيا ويا آهن. اُها ترتيب عربي حروف تهجي تي مشتمل آهي:

| | | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ب | ت | ث | ج | ح | خ | د | ذ | ر | ز | س | ش | ص |
| ض | ط | ظ | ع | غ | ف | ق | ک | ل | م | ن | و | ه | ی |

پوءِ انهن اٺاويهن اکرن کي هينين صورت ۾ اٺن لفظن تحت ترتيب ڏني وئي، تہ جيئن ذهن نشين ٿي سگهي:

| | | |
|---|---|---|
| اَبجَد: | (پهرين ۽ ٽئين اکرن تي زبر): | ا، ب، ج، د |
| هَـوَّز: | (پهرين اکر تي زبر ۽ ٻئين تي زبر ۽ شَدَ): | هہ، و، ز |
| حُطِّي: | (پهرين اکر تي پيش ۽ شَد ۽ زير): | ح، ط، ي |
| ڪَلِمَن: | (پهرين ۽ ٽئين اکرن تي زبر ۽ ٻئين تي زير): | ڪ، ل، م، ن |
| سَعفَص: | (پهرين ۽ ٽئين اکرن تي زبر): | س، ع، ف، ص |
| قَرشَت: | (پهرين ۽ ٽئين اکرن تي زبر): | ق، ر، ش، ت |
| ثَخَّذ: | (پهرين اکر تي زبر ۽ ٻئين زبر ۽ شَدَ): | ث، خ، ذ |
| ضَظَّغ: | (پهرين اکر تي زبر ۽ ٻئين زبر ۽ شَدَ): | ض، ظ، غ |

(فاروقي 2003:114-115)

ابجد جي اکرن جي اِها ترتيب عربي حروف تهجي جي ترتيب مطابق ناهي، اِها ترتيب ڪڏهن ۽ ڪنهن مقرر ڪئي ۽ ابجد جي انهن اٺن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم ڇا آهي؟ ان تي محققن مختلف اعتراض ڪندي پنهنجا مختلف نظريا هن ريت پيش ڪيا آهن:



1) ڪن عالمن جو رايو آهي تہ جڏهن حضرت آدم عہ جنت الفردوس مان زمين تي آيو هو تڏهن هُن پاڻ سان گڏ هڪ بهشتي زبان آندي، جيڪا پنهنجي اصل صورت جي اعتبار کان عربي جي ئي هڪ شڪل هئي. ان کي ابجد يا عربي زبان جي حروف تهجي جي حيثيت حاصل ٿي. (خانہ 2009: 275).

2) هڪ روايت مطابق ابوجد يا اباجاد نالي هڪ بادشاهہ هو ان جي نالي جو مخفف ابجد آهي ۽ باقي ست لفظ ان جي ستن پٽن جا نالا آهن.

3) هڪ روايت موجب مرامر نالي هڪ شخص رسم الخط ايجاد ڪئي ۽ اِهي اٺ لفظ مرامر جي اٺن پٽن جا نالا آهن.

4) ڪن محققن جي راءِ آهي تہ ان اٺن لفظن جا اکر هڪ خاص ترتيب ۽ مفهوم سان گڏ حضرت آدم عہ تي نازل ٿيا، جن کي حضرت ادريس عہ ترتيب ڏئي اِهي اٺ لفظ ناهيا.

5) هڪ روايت اِها بہ آهي تہ انهن اٺن لفظن کي مَديَن جي ڇهن بادشاهن ايجاد ڪيو (فتح پوري 1982: 8-9).

6) ڪن بزرگن جو خيال آهي تہ اهي اٺن فرشتن جا نالا آهن (تيجاڻي 1975: 34).

جڏهن تہ ڪن عالمن انهن اٺن لفظن کي مختلف ديون، شيطانن، بادشاهن ۽ ڏينهن جي نالن سان منسوب ڪيو آهي. پر ممڪن آهي تہ اهي لفظ بامعنيٰ نہ هجن ۽ رڳو ابجد جي ترتيب کي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ۾ آندا ويا هجن (خانہ 2009: 276).

پر علامہ نياز فتحپوريءَ انهن سيني نظرين کي بي بنياد ۽ بي دليل چئي رد ڪيو آهي ۽ سندس رايو آهي تہ:

"یہ سارے بیانات لغو ہیں، حقیقت یہ ہے کہ عربوں نے حروف ہجا، عبرانی اور آرامی زبان سے حاصل کئے اور چونکہ وہاں یہی ترتیب تھی جو ابجد، ہوز وغیرہ میں پائی جاتی ہے اس لئے عربوں نے بھی اسے بجنسہ لے لیا۔ بعد کو البتہ اس ترتیب میں بلحاظ اسلوب تحریر و مخارج میں کچھ

فر ق ہوگیا۔"(فتح پوری،1982: 9)

علامہ نياز فتحپوريءَ جو نظريو آهي تہ: عربن حروف هجا عبراني ۽ آرامي زبانن مان حاصل ڪئي ۽ جيئن تہ اتي اِهائي ترتيب هئي، جيڪا ابجد جي آهي، ان ڪري عربن ان ترتيب کي برقرار رکيو. اُها ترتيب هِن ريت آهي:

ا ب ج د ه و ز ح ط ى ک ل م ن
س ع ف ص ق ر ش ت ث خ ذ ض ظ غ

دائره المعارف موجب ابجد جي تشريح ۽ ان جي ايجاد متعلق پڻ اهائي راءِ حاصل ٿئي ٿي. جڏهن تہ ”اسلامي انسائيڪلوپيڊيا“ جي حوالي سان ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو لکي ٿو:

> انهيءَ ترتيب جي قدامت متعلق ڪيترين ئي روايتون بيان ڪيل آهن. مگر حتمي طور تي چيو وڃي ٿو تہ اها ڪنهن کُهني تختيءَ تي موجود هئي، جا چوڏهين صدي قبل مسيح جي زماني جي ڪنهن زبان ۾ لکيل آهي. ان تختيءَ تي پهريان ڇهہ لفظ ابجد- هوز- حطي- ڪلمن- سعفص- قرشت لکيل هئا. اها تختي شام جي اولاهين علائقي لاذقيہ مان هٿ لڳي هئي. (هَڪڙو 2005:20).

ابجد جي اٺن لفظن جي معنيٰ بہ تاريخ گوئي جي فن تي بحث ڪندڙن الڳ الڳ بيان ڪئي آهي. پر هڪ روايت جيڪا عام آهي ۽ مختلف ڪتابن ۽ لغتن ۾ ملي ٿي، اُها هِن ريت آهي:

| | | |
|---|---|---|
| اَبجَد: | آغاز کرد | [آغاز ڪيو] |
| هَـوَّز: | در پيوست | [ملي ويو] |
| حُطِّي: | واقف | [واقف ٿيو] |
| ڪَلِمَن: | سخن گو شد | [سخن گو ٿيو] |
| سَعفَص: | زود بيا موخت | [ان سکيو] |
| قَرَشَت: | ترتيب کرد | [ترتيب ڏنو ويو] |
| ثَخَّذ: | در دل گرفت | [نگهباني ڪئي] |
| ضَظَّغ: | تمام کرد | [تمام ڪيو] |

(فتح پوري،1982: 10)



ابجد جي انهن اکرن کي ٽن يا چئن اکرن جي گروهہ ۾ گڏ ڪري، انهن جي عددن جي اعتبار کان اهڙي ريت ترتيب ڏنو ويو. جو پهرين ڏهن اکرن جا عدد ايڪن ۾ 01 کان 10 تائين، پوءِ اٺن اکرن جا عدد ڏهاڪن ۾ 20 کان 90 تائين ۽ باقي ڏهن اکرن جا عدد سَؤن ۾ 100 کان 1000 تائين مقرر ڪيا ويا آهن. جمل جي قاعدي موجب ابجد جي اٺن لفظن جو مُلهہ هِن ريت مقرر ڪيل آهي:

| ابجد | هوز | حطي | ڪلمن | سعفص | قرشت | ثخذ | ضظغ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا: 1 | ه: 5 | ح: 8 | ڪ: 20 | س: 60 | ق: 100 | ث: 500 | ض: 800 |
| ب: 2 | و: 6 | ط: 9 | ل: 30 | ع: 70 | ر: 200 | خ: 600 | ظ: 900 |
| ج: 3 | ز: 7 | ي: 10 | م: 40 | ف: 80 | ش: 300 | ذ: 700 | غ: 1000 |
| د: 4 | | | ن: 50 | ص: 90 | ت: 400 | | |

جيئن تہ ابجد جا اکر عربي حروف تهجي مان ورتل آهن، ان ڪري ان ۾ اُهي اکر شامل نہ آهن، جيڪي سنڌي الف-ب ۾ موجود آهن. سنڌيءَ ۾ تاريخ چوڻ لاءِ انهن اکرن جو استعمال ٿئي ٿو. تنهنڪري انهن اکرن جا عدد مقرر ڪرڻ ضروري هئا. جنهن ڪري فن جمل جي ماهرنِ انهن اکرن کي آئيويٽا جي ترتيب مطابق، ابجد جي اٺن لفظن ۾ آيل هر اکر جي عدد برابر ان کان پوءِ واري اکر جا عدد مقرر ڪيا. مثال طور: ”ب“ کان پوءِ وارن اکرن ”ٻ“، ”ڀ“ ۽ ”پ“ جا عدد ”ب“ جي عدد برابر بہ ٿيندا ۽ اهڙيءَ ريت ٻين اکرن جا بہ عدد مقرر ڪيا ويا، جن کي آخوند گل محمد هالائيءَ سال 1275هہ/1858ع ڌاري بمبئي ۾ ڇپايل پنهنجي ديوانَ ”ديوان گُل“ جي منڍ ۾ شايع ڪيو.

سال 1853ع ۾ مسٽر ايلس جي صدارت هيٺ جوڙيل ڪاميٽيءَ آئيويٽا کي 52 اکرن ۾ هڪ مستقل ترتيب ڏئي جوڙيو. ان آئيويٽا کي سرڪاري طور درسي توڙي انتظامي ادارن ۾ عام بہ ڪيو ويو. پر ڪن عالمن اُن ۾ خاميون محسوس ڪنديِ، پنهنجي رنگ ڍنگ جون آئيويٽائون جوڙيون. تڏهن آخوند گل محمد هالائيءَ بہ ايلس واري آئيويٽا سان سهمت نہ ٿيندي، 55 اکرن تي مشتمل پنهنجي آئيوٽا ترتيب جوڙي، جيڪا هن پنهنجي ’ديوانِ گل‘ جوڙڻ ۾ ڪم آندي. آخوند گل محمد پنهنجي ترتيب ڏنل آئيويٽا بابت جيڪي وضاحتون ڪيون آهن، ان جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ آخوند صاحب لسانيات جو وڏو ماهر هو.

آخوند گل محمد هالائيءَ پنهنجي ديوان جي منڍَ ۾ سنڌي، فارسي ۽ عربي اکرن

ڪي سمجهائڻ لاءِ ”چِٽائي“ جو عنوان ڏئي، لکي ٿو:

منجهہ پُرُوڙَا اکرن سنڌي ۽ فارسي ۽ عربي جي تہ ڪيترا سنڌي آهن ۽ ڪيترا فارسي ۽ ڪيترا عربي ۽ اکر سنڌي ۽ فارسي منجهان ڪهڙا اکر عربي نڪتا آهن ۽ تفاوتُ ڪِن اکرن جو منجهہ سنهائي ۽ ٿلهائي ٻولي جي ۽ اکر عربي ڪهڙا منجهہ سنڌي نهيو ٿا اچن ۽ ڪهڙا نہ ٿا نهن ۽ ڪهڙا ساڻ ٻين اکرن متجن ٿا ۽ ڪهڙا نٿا متجن. ساڻ ٻين اکرن ۽ انگن ۽ ٻُٽِي ليکي ابجد جي متي ٻِچ جيترن واڻُن ۽ چِٽَن جي. (هالائي،1275هہ:1)

انهيءَ موضوع کي سمجهائڻ لاءِ مصنف يارهن باب قائم ڪيا ۽ هر هڪ باب کي ”واٽ“ سڏيو اٿس. واٽ نائين ۾ هِن پنهنجي جوڙيل آئيويتا مثالن ذريعي چِٽائي آهي:

چِٽ مڙني اکرن سنڌيءَ ۽ فارسيءَ ۽ عربي جو منجهہ هن پنجونجاهہ اکرن آهي:

| انگ | اکر | نالا | مثال | انگ | اکر | نالا | مثال | انگ | اکر | نالا | مثال |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | ا | اَلِفُ | آگو | 20 | ڊ | ڊَالُ | ڊِڄّ | 39 | ڦ | ڦي | ڦِڪُو |
| 2 | ب | بي | بَابُو | 21 | ڍ | ڍَالُ | ڍِڳُو | 40 | ق | قَافُ | قَلَمُ |
| 3 | ٻ | ٻي | ٻَابُو | 22 | ڏ | ڏَالُ | ڏَٽِي | 41 | ڪ | ڪَافُ | ڪَمُ |
| 4 | پ | پي | پَرُ | 23 | ڌ | ڌَالُ | ڌَمَر | 42 | ک | کي | کَارُو |
| 5 | ڀ | ڀي | ڀاؤُ | 24 | ذ | ذَالُ | ذِڪرُ | 43 | گ | گَافُ | گَابُو |
| 6 | ت | تي | تَارُو | 25 | ر | ري | رَاڄُ | 44 | گهہ | گَافُ | گهوڙو |
| 7 | ٿ | ٿي | ٿِڪَر | 26 | رهہ | رهہ ي | پَرهہ | 45 | ڳ | ڳَافُ | ڳَالِهہ |
| 8 | ٽ | ٽي | ٽَانڊُو | 27 | ڙ | ڙي | پَڙ | 46 | ڱ | ڱي | اَنڱَڙُ |
| 9 | ٺ | ٺي | ٺَلهو | 28 | ز | زي | زَالَ | 47 | ل | لَامُ | لِيکو |
| 10 | ث | ثي | ثَمَرُ | 29 | ژ | ژي | ژ ژ ژ ژ | 48 | لهہ | لاهہ م | لِلهو |
| 11 | ج | جِيمُ | جُوئِ | 30 | س | سِينَ | سِڪّ | 49 | م | مِيمُ | مُورُ |
| 12 | جهہ | جهي | جَهڪَ | 31 | ش | شِينَ | شَالَ | 50 | ن | نون | نَالُو |
| 13 | ڄ | ڄي | ڄَامُ | 32 | ص | صاد | صَبِرُ | 51 | نهہ | نوهہ ن | سنهون |
| 14 | ڃ | ڃي | وِنڃِڻُون | 33 | ض | ضَادُ | ضَرَرُ | 52 | ڻ | ڻي | مَاڻُو |
| 15 | چ | چي | چَرِئُو | 34 | ط | طوئ | طمع | 53 | و | وَاوُ | وِڄُ |
| 16 | ڇ | ڇي | ڇُوڪَرُ | 35 | ظ | ظُوئِ | ظَالِم | 54 | ه | هي | هَڪِئو |
| 17 | ح | حي | حَاڪِم | 36 | ع | عَينَ | عَيبُ | 55 | ي | يي | يَاڪِي |
| 18 | خ | خي | خُوَارُ | 37 | غ | غَينَ | غَرِيبُ | | | | |
| 19 | د | دال | دن | 38 | ف | في | فِڪرُ | | | | |

(هالائي،1275هہ:8)



اهڙي ريت وري آخوند گل محمد عربي حروف تهجي تي مشتمل ابجد جي انن لفظن جو مقرره مُلهہ واٽ ڏهين ۾ ڏنو آهي:

چِٽُ اَکَرِنِ ۽ اَنگَنِ ۽ ٻُٽِي ليکي اَبجَد جي جو

| اکر | انگ | ٻُٽِيتو | اکر | انگ | ٻُٽِيتو |
|---|---|---|---|---|---|
| ا | 1 | هڪڙو | س | 60 | سٺ |
| ب | 2 | ٻَ | ع | 70 | ستر |
| ج | 3 | ٽي | ف | 80 | اسي |
| د | 4 | چار | ص | 90 | نوي |
| هہ | 5 | پنج | ق | 100 | سَوَ |
| و | 6 | ڇهہ | ر | 200 | ٻہ سؤ |
| ز | 7 | ست | ش | 300 | ٽي سؤ |
| ح | 8 | اٺ | ت | 400 | چار سؤ |
| ط | 9 | نَوَ | ث | 500 | پنج سؤ |
| ي | 10 | ڏَهَہ | خ | 600 | ڇهہ سؤ |
| ڪ | 20 | ويهہ | ذ | 700 | ست سؤ |
| ل | 30 | ٽيهہ | ض | 800 | اٺ سؤ |
| م | 40 | چاليهہ | ظ | 900 | نو سؤ |
| ن | 50 | پنجاهہ | غ | 1000 | هزارُ |

(هالائي،1275هہ:9)

واٽ يارهين ۾ وري هُن پنهنجي ترتيب ڏنل آئيويتا جي 55 اکرن جو مُلهہ مقرر ڪري، سنڌي ابجد کي تشڪيلي صورت ڏني. سندس مقرر ڪيل اکرن جا مُلهہ هن ريت آهن:

چِٽ اکرن ۽ انگن ۽ ٻُٽِي مڙني اکرن سنڌي ۽ فارسي ۽ عربي جو متي ليکي ابجد جي

| اکر | انگ | ڳڻتو | اکر | انگ | ڳڻتو | اکر | انگ | ڳڻتو |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اء | 1 | هِڪڙو | ڊ | 4 | چار | ڦ | 80 | اسي |
| ب | 2 | ٻہ | ڍ | 4 | چار | ق | 100 | سو |
| ٻ | 2 | ٻہ | ڌ | 4 | چار | ڪ | 20 | ويھ |
| پ | 2 | ٻہ | ڏ | 4 | چار | ک | 20 | ويھ |
| ڀ | 2 | ٻہ | ذ | 700 | ست سؤ | گ | 20 | ويھ |
| ت | 400 | چار سؤ | ر | 200 | ٻہ سؤ | گھ | 20 | ويھ |
| ٿ | 400 | چار سؤ | رؕ | 200 | ٻہ سؤ | ڳ | 20 | ويھ |
| ٽ | 400 | چار سؤ | ڙ | 200 | ٽي سؤ | ڱ | 20 | ويھ |
| ٺ | 400 | چار سؤ | ز | 7 | ست | ل | 30 | ٽيھ |
| ث | 500 | پنج سؤ | ژ | 7 | ست | لؕ | 30 | ٽيھ |
| ج | 3 | ٽي | س | 60 | سَٺ | م | 40 | چار |
| جھ | 3 | ٽي | ش | 300 | ٽي سؤ | ن | 50 | پنجاھ |
| ڄ | 3 | ٽي | ص | 90 | نَوّي | نؕ | 50 | پنجاھ |
| ڃ | 3 | ٽي | ض | 800 | اٺ سؤ | ڻ | 50 | پنجاھ |
| چ | 3 | ٽي | ط | 9 | نَوَ | و | 6 | ڇھ |
| ڇ | 3 | ٽي | ظ | 900 | نَوَ سؤ | ھ | 5 | پنج |
| ح | 8 | اٺ | ع | 70 | ستر | ي | 10 | ڏھ |
| خ | 600 | ڇھ سؤ | غ | 1000 | هزار | | | |
| د | 4 | چار | ف | 80 | اسي | | | |

(آخوند،1275ھ:10)

آخوند گل محمد پنهنجي ترتيب ڏنل آئيويتا ۾ "ء" کي شمار نہ ڪيو آهي، پر ابجد جي تشڪيل ڏنل پٽيءَ ۾ "ء" کي "ا" سان گڏ لکي، اُن جو ملھ "ا" جي برابر هڪ مقرر ڪيو آهي. جيئن تہ همزو (ء) عربي حروف تهجي ۾ ڪونهي، ان ڪري ابجد ۾ ان جو ڪو عدد مقرر ناهي. پر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ جي عالمن مان ڪن "ء" جو مُلھ هڪ، تہ ڪن وري ڏھ مقرر ڪيو آهي. پر عربي گرامر ۽ لسانيات جي ماهرن جي نقطھء نگاھ ۾ همزو (ء) "الف" جو قائم مقام آهي. جيئن مرزا قليچ بيگ پنهنجي



ڪتاب "سنڌي وياڪرڻ" جي جلد ٻئي ۾ لکي ٿو: "متحرڪ الف کي اڪثر عربيءَ ۾ "همزو" چون ٿا ۽ الف رڳو ساڪن الف يا حرف علت کي ٿا سڏين."

(قليچ،2006:70)

نواب عزيز جنگ ولا پنهنجي ڪتاب "غرائب الجمل" ۾ لکي ٿو:

"جو الف عربوں اور فارسیوں کے پاس ہمزہ سے موسوم اور داخل حروف ہے، اس کو اہل جمل نے الف ہی کہا ہے۔" (عزيز جنگ ولا،1998: 95)

انڪري چئي سگهجي ٿو تہ آخوند گل محمد هالائيءَ عربي ۽ فارسي حروف تهجي ۾ همزي (ء) جي استعمال جي پَرک ڪندي، اُن جو عدد هڪ مقرر ڪيو. آخوند صاحب پنهنجي جوڙيل هِن ديوان ۾ ابجد جي عددن کي نظم جي رنگ ۾ بہ هِن ريت بيان ڪري ٿو:

الف بي جيم دال هي پنج حرف
هڪ ٻہ ٽي چار پويون ٽيو پنج

(آخوند، 1275،21)

ابجد هڪ ٻہ ٽي وٺ چار نوي ڏھ رکي اڳ پوءِ
سئو منجھ قاف سؤ دل کان آهي هت هت هوالحق حق

(غزل:127.:62)

ٺٽوي آغا جو ميرزا غلام حيدر بيگ 'قنبر' قطعہ تاريخ جي فن جو ماهر ۽ علمِ ابجد جو ڄاڻو ٿي گذريو آهي، جنهن ابجد جي اکرن ۽ انهن جي عددن جي باهمي ڳانڍاپي کي نظم ۾ هِن ريت بيان ڪيو آهي:

هڪ الف جو ٽيّو ب جا ٻہ عدد آهن ٿيا، ج جا ٽي ٿيا عدد، دال جا چار آهن بجا.
ھ جا پنج، و جا ڇھ، ز جا ست بيشڪ، ح جا اَٺ، ط جا نَوَ، ي جا ٿيّا ڏھ صاف صفا.
ڪ جا ويھ عدد، ل جا ٿيا ٽيھ عدد، م جا چاليھ ۽ ن جا پنجاھ سدا.
سَٺ ٿيا س جا ۽ ع جا ستر ٿيا عدد، اسّي ف جا ٿيا ۽ ص جا نوّي وھ وا.
ق جا سؤ ٿيا ر جا ٻہ سؤ آهن تہ عدد، ش جا ٽي سؤ، چار سؤ ت جا، بجا.
پنج سؤ ث جا ٿيا، خ جا ٿيا ڇھ سؤ خوب، ذ جا ست سؤ ۽ ض جا اَٺ سؤ ٿيا ادا.
نوَ سؤ ظ جا ۽ غ جو ٿيو هڪڙو هزار، ماهرن علم جي هي عدد مقرر ئي ڪيا.
مثل ب، ٻ ۽ پ ۽ ڀ جا عدد آهن ٻہ، ڄ ۽ ج، ڃ ۽ جھ جا ٽي جيئن ٽين ج جا ٿا.

**د جيئن ڏ ۽ ڍ، ڊ ۽ ڍ جا چار عدد،**
**ڪ ۽ گ، گھ ۽ ڳ، ڱ جا عدد ويھ سدا.**
**ن جيئن ڻ جا پنجاھ اسي ڦ جا جيئن ف،**
**ڀ سؤ ڙ جا ۽ ژ جا ٽيا آهن حقا.**
**مثل ت، ٽ جا ۽ ٺ، ٿ جا عدد چار سؤ**
**ٽيا هِن ۾ نہ ڪنهين شڪ جا نہ ڪا شبھ جي جا.**
**الف ممدوہ جو ۽ همزہ جو هڪ هڪ ٽيو عدد**
**قاعدو ياد هي ’قنبر‘ جي رکن، تن لئي دعا.**

(قنبر، ____ ص.)

**حوالا**


- آخوند، گل محمد (1275ھ)، **ديوان گل**. بمبئي.
- تيجاڻي، نعيمہ جمعہ (1975)، **اَبجد جو حساب**، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد سنڌ
- خانم، منیبہ، ڈاکٹر (2009)، **اردو میں قطعہ نگاری**، ملتان: بیکن بکس.
- سيد، فاضل شاھ. (1883)، **ميزان شعر يعني ڏوهيڙن جي تارازي**، ڪراچي: وديا ونود ڇاپخانو.
- عزیز جنگ ولا، نواب، (1998)، **غرائب الجمل**- دھلی: قومی کونسل برائے فروغ اردو زبان.
- فاروقی، شمس الرحمن (2003)، **لغاتِ روزمرہ**، کراچی: سٹی پریس بک شاپ.
- فتح پوری، فرمان ڈاکٹر (1984)، **فنِ تاریخ گوئی اور اس کی روایت**، لاہور: سنگ میل پبلیکیشنز.
- لکھنوی، ساحر (1999ع)، **فن تاریخ گوئی کا تنقیدی جائزہ** کراچی: آثار و افکار اکادمی (پاکستان).
- مرزا، شاهد، فتح علي بيگ(2008)، **تاريخي قطعات**، روهڙي سنڌ: بيدل يادگار ڪاميٽي
- مرزا غلام حيدر بيگ. قنبر، بياض قنبر (قلمي)،. حيدرآباد سنڌ: ملڪيت: مرزا منظور علي بيگ.
- مرزا، قليچ، بيگ (2006)، **سنڌي وياڪرڻ**، ڄام شورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ..
- ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، (1972ع)، مضمون: **ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائي**، ٽماهي ”مهراڻ“ ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- هَڪڙو انور فگار ڊاڪٽر: (2005ع)، **سنڌ جي تاريخي شهرن جي تواريخ**، ڪنڊيارو سنڌ: روشني پبليڪيشن.